ايڪانڪي

# اَسانجو گهر

ليکڪ : چمن شرما

پاتر :

| | | |
|---|---|---|
| ١ - موهن | : | سرڪاري آفيس ۾ ملازم |
| ٢ - مينا | : | موهن جي پتني -اسڪول ۾ ٽيچر |
| ٣ - رميش | : | موهن جو دوست - ڪاليج ۾ پروفيسر |
| ٤- ريتا | : | رميش جي پتني |
| ٥ - دليپ | : | موهن جو پٽ - عمر ٨ سال |
| ٦ - اشوڪ | : | دليپ جو هم ڪلاسي - عمر٨ سال |

Plz write Your views to :
Chiman Sharma
356, Sardarnagar,
Ahmedabad-382475

This Sindhi play (Natak) Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

موهن : (ميز تي رکيل نيرن ڪري رهيو آهي - آخري گرهه وات ۾ وجهندي. ڪا شيءِ ڳولهڻ لاءِ سامان هيٺ مٿي ڪندي- پنهنجي مُنهن) ڪمال آهي!.... وقت تي ڳُهربل شيءِ ملندي ئي ڪانه! ٻاڙهي بال پين رات هتي ميز تي رکي هئم، هينئر صبوح جو گم! ميز تي رکيل منهنجي ڪتابن، پين پينسل کي ڪير هٿ ئي ڇو ٿو لائي؟.... (ڪتاب زور سان هيٺ پٽ تي ڦٽي ٿو ڪري)

مينا : (ڪتاب ڪرڻ جي آواز تي اندرئين ڪمري مان) وري ڇا پيُوَ؟

موهن : (پنهنجي منهن - آهستي) پيُو منهنجو سِر!.... هزار دفعا چيو اَٽيمانس، مهرباني ڪري منهنجي غيرحاضريءَ ۾ ميز تي رکيل ڪابه شيءِ هيٺ مٿي نه ڪندي ڪر، پر هيءَ آهي جو.... (اندرئين ڪمري ۾ مينا کي آواز ڏيندي) مينا!.... او مينا!!

مينا : (اندران ئي آواز ڏيندي) مان ڇانهه ناهي رهي آهيان.... ڇئو، ڪهڙو ڪم اَٿوَ؟

موهن : (اندرئين ڪمري جي دروازي وٽ پهچي- ساڄي هٿ ۾ پاڻيءَ جو گلاس) ڪم وري ڪهڙو هوندو، ميز تي ٻاڙهي بال پين رات رکيم ته صبوح جو غائب!.... تو ته ڪانه ڪنئين؟

مينا : مونکي ڪهڙي خبر. بنا پُڇئي مان توهان جي ميز جي ويجهو ايندي به آهيان؟؟

موهن : (ڪهرو ٻالهائيندي) ته ڇا، پين کي پَرَ لڳي ويا؟ راتو واه اُڏامي ويئي؟؟.... توکان مونکان ۽ دليپ کانسواءِ هِن گهر ۾ ٻيو آهي ئي ڪير جو پين کڻي ويندو؟؟؟

مينا : مونتي ڪاوڙجڻ بدران سانه ستيءَ سان ميز جي آسپاس ڳولهيو ته ملي ويندوَ. باقي هيئن ڪروڌ ڪرڻ سان گم ٿيل شيءِ ڪانه ملندي.

موهن : سڄي ميز هيٺ مٿي ڪري ڏٺي اٿم پر پين هجي ته ملي نه؟ ميز تان ضرور ڪنهن ڪنئي آهي؛ باقي پاڻمرادو پنڌ ڪري پين ڪنهن وٽ ڪانه....

مينا : (وچم-ٿورو خفي ٿيندي) هڪ دفعو چيم ته سَهين پين مون وٽ ڪانهي، پوءِ اجايو ٻالهه کي وڌائڻ جو ضرور ئي ڪهڙو آهي؟

موهن : (ڪروڌ ۾) ٻالهه کي مان وڌائي رهيو آهيان؟.... گذريل آرتوار واري پڪنڪ تي دوستن سان رمي راند لاءِ تاس (ڪابي هٿ سان اِشارو ڪندي) هن ميز تي رکي هئم، اُها منهنجي پڇڻ کانسواءِ پنهنجي ساهيڙي شانتا کي ڏيئي ڇڏيئه، اها به اجائي ٻالهه آهي؟

مينا : پر بروقت توهان کي ٻڌايو ته هوم.

موهن : ان ٻڌائڻ مان ڪهڙو فائدو، جڏهن پڪنڪ بنا رمي راند جي پوري ٿي ۽ تاس ملي ته پنجن ڏينهن ڪانپوءِ.

مينا : مان ٿي چوان اجا گهٽا دفعا اِها ساڳي ٻالهه دُهرائيندا ايندا؟ چيم ته سهين مونکي پين جي خبر ڪانهي.

This Sindhi play (Natak) Published on Internet by:

www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

موهن : (ميز تي ڪتاب هيٺ مٿي ڪندي، نئين تاس نہ ڏسي) تہ توکي خبر باقي ڪهڙي ڳالهہ جي آهي؟.... اڄ موڪل جي ڏينهن رميش جي گهر سيني دوستن رمي راند ڪرڻ جو پروگرام رکيو آهي. اُن لاءِ اڄا ڪالهہ نئين تاس آڻي هت ميز تي رکي هئم، اُها بہ نظر نٿي اچي؛ اُها بہ ڪنهن ساهيڙيءَ کي ڏيئي ڇڏيئہ ڇا؟

مينا : (ڪروڌ ۾ اُڇل ڪائيندي) مهرباني ڪري اهي روز روز جا طعنا مهڻا بند ڪريو. جڏهن هڪ دفعو چيم تہ توهان جي تاس ۽ ميز کي هٿ لائڻ تہ ڇا، پري کان ڏسڻ بہ بند ڪري ڇڏيو اٿم، تہ پوءِ اجائي گهپي ڇو ڪندا آهيو؟ (تورو ترسي) پڳوان توهان کي نيبهہ ڪري اها تاس ۽ رمي راند!.... آفيس مان ٿي رات جو ڏهين ڏهين تائين دوستن سان رميءَ راند! گهر وارا مُئا يا بچيا.... (ٺوڪ سان) اُن جي پرواه پاڙي وارا پيا ڪندا!!

موهن : (ٺوڪزنيءَ سان) ”پرڻ چوي ڏونگهي کي هل ڙي تي ٺوُنگا!!....“ (تکي آواز ۾) مان جي رات جو ڏهين تائين گهر کان ٻاهر رهان ٿو تہ تون بہ سڄو ڏينهن سئنيمائن ۽ ساهيڙين جي درن تي ڏرمائو ڏڪا ڪائيندي ٿي رهين!.... ۽ سڪيلڏو پٽ، اسڪول مان موٽي ٿيلهو رکي پاٽي پيئڻ لاءِ پراون درن تي پيو ليلائي!

مينا : (ڪنڌ کي عجيب نموني لوڏيندي-ٺوڪ سان) توهين تہ اصل پُٽ جي پرگهور لَهي ٿڪا آهيو نہ!.... مان ٿي چوان روز روز هيءَ اَجائي واد وواد ۽ بحث مون سان ڇو ڪندا آهيو؟

موهن : پنهنجي غلطي محسوس نہ ڪري تون منهنجي هر ڳالهہ کي اجائي واد وواد ۽ بحث ٿي سڏين؟ پنهنجي ڳالهہ تون ڪڏهن بہ هيٺ ڪرڻ واري نہ آهين.... ڪالهہ بہ خسيس ڳالهہ تي بحث ڪرڻ وينيءَ تہ جَهان آرا اورنگزيب جي نہ پر شاهجان جي ڌيءُ هئي.

مينا : اها ڳالهہ تہ اڄ بہ مان دعويٰ سان چئي سگهان ٿي تہ جَهان آرا شاهجهان جي ۽ زيب اَلنسا اورنگزيب جي ڌيءُ هئي؛ پوءِ ڀلي توهين ڪنهن کان بہ پڇي پڪ ڪريو.

موهن : اِهو ئي تہ مان چوان ٿو تہ بحث ۾ تون ڪڏهن بہ جُهڪڻ نہ سکي آهين. غلط يا صحيح، پر ٻئي کي ڪيرائڻ ۾ ئي هوشيار آهين. اِتهاس ۾ بي.اي. جي ڊگري حاصل ڪري ڇڻ تہ جڳ جيتي ورتو اٿيئي!.... مونکي تہ عجب ٿو لڳي اسڪول ۾ ٻارن کي ڪهڙو اِتهاس پاڙهيندي هوندين؟

مينا : (غصي ۾ ٻانهون ڇنڊينڊي) مهرباني ڪري مونکي اِسڪول ۽ اِتهاس جا مَهڻا نہ ڏيندا ڪريو!.... (آهستي-پنهنجي منهن) طعنا مهڻا آخر ڪيستائين سهندي رهنديس؟.... هر ڪنهن ڳالهہ جي حد ٿيندي آهي!.... (سامهون ٿيندي) هرروز ڪنهن نہ ڪنهن بهاني، هِن نموني مون کي ذليل ڪرڻ جو توهانکي ڪهڙو حق آهي؟

موهن : ۽ توکي وري هِن نموني اکيون ڦوتاڙي ڇتو ڳالهائڻ جو ڪهڙو حق آهي؟.... مونکي ڪو ڪارائين ڪونہ ويني؟.... پڳوان جي ديا سان سرير ۾ سگهہ اڃا باقي اٿم.... تنهنجن نہ پر پنهنجن پيرن تي بيٺو آهيان.

This Sindhi play (Natak) Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

مينا : (اُچل سان) ۽ مان وري توهان جي ٽُڪرن تي پيئي پلجان ڇا؟ بي.اي. پاس آهيان؛ ڪمايان ٿي، توهان جي پگهار مان هڪ پائي ۽ لاءِ بہ توهان جي اڳيان هٿ نہ ٽنگيو اٿم، نہ هن ڪان پوءِ ئي ٽنگيندي!

موهن : مون وري تنهنجي پگهار ۾ ڪڏهن اک رکي آهي ڇا؟ اُلٽو پنهنجي پگهار مان تنهنجي وڏوا پيڻ لاءِ سلائي مشين جا ٽي سؤ رپيا قسطن ۾ پورا ڪيم!.... تنهنجي پيڻ کي مدد ڪرڻ جو نيڪو بہ مون ڪنيو آهي ڇا؟.... (مينا غصي ۾ اندرئين ڪمري ۾ وڃي ٿي- ڪبٽ کلڻ جو آواز) جڏهن تون پاڻ کي اڪيلي سِر ڪا هستي ٿي سمجهين ۽ پنهنجي ڪمائيءَ تي ايڏو اَيمان اَٿيئي تہ مونکي کهڙي لاچاري پيئي آهي جو پاڻ ماري هچا ڪريان ۽ تنهنجي وڏوا پيڻ کي وقت بوقت مالي مدد ڪريان.

مينا : (اندرئين ڪمري واري ڪبٽ مان سؤ سؤ وارا ٽي نوٽ ڪڍي موهن سامهون ميز تي اُڇليندي) ڪڍو هي ٽي سؤ رپيا ۽ منهنجي پيڻ مٿان جيڪا مهربانيءَ جي مُهر هڻئي اَٿو، اُن جي پڇار وري نہ ڪجو!.... پنهنجي پيڻ جي سنڀال مان پاڻيهي لهنديس!

موهن : (ٺٺولبازيءَ وچان) تون سمجهين ٿي تہ هي ٽي سؤ رپيا مان نہ ڪڍندس؟.... توکي ساڙڻ لاءِ اڃا مان گهڻو ڪجهہ ڪندس.

مينا : (وچڙ) توهين حد کان اڳتي وڌي رهيا آهيو.... (آهستي) برداشت ڪرڻ جي بہ حد ٿيندي آهي.

موهن : پلا جي حد کان اڳتي وڌي رهيو آهيان تہ تون ڇا ٿي ڪري سگهين؟.... مان پنهنجي گهر ۾ ڪجهہ بہ ڪري سگهان ٿو.

مينا : (اُچل سان) گهر صرف توهان جو نہ، منهنجو بہ آهي.... هن گهر تي جيترو توهان جو حق آهي، اوترو منهنجو بہ آهي.

موهن : ڇا جو حق؟.... (ڪروڌ ۾ ڪنڌ لوڏيندي) ڇڱو، هاڻي مان بہ ڏسي رهندس تہ هن گهر ۾ هينئر ڪير ٿو رهي، تون يا مان؟؟

مينا : انهن ڌمڪين پر مان ڏجي ڪانہ ويندس. توهين روز روز طلاق جون ڌمڪيون ڏيندا آهيو. اُنهن سان بہ مان پڇي ڪاڻڻ واري آهيان.

موهن : (غصي ۾) مان چوان ٿو وڌيڪ بڪواس بند ڪر.

مينا : ڇو بند ڪريان؟.... ڪير مونکي ڪارائي ڪونہ ٿو.... مان پنهنجي ڪمائيءَ تي....

موهن : ڪمائي، ڪمائي.... (ڪروڌ ۾ پرجي هٿ ۾ جهليل پاڻيءَ جو گلاس زور سان زمين تي نڪاءُ ڪري ٿو- شيشي جا ٽڪر ٽڪر ڪمري ۾ پکڙجي وڃن ٿا) ڪمائي!!!.... تنهنجي ڪنڌ مان ڪمائيءَ جي ڪِلي بہ ڪيڏي پوندي.

مينا : منهنجي نوڪري ڇڏائڻ توهان جي وس کان ٻاهر آهي.

This Sindhi play (Natak) Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

دليپ : (اوچتو ڪمري ۾ ڏوڙ سان داخل ٿيندي-روسامي آواز ۾) ڊئڊي!.... ڏسو نہ، اشوڪ منھنجي نقشي جي ڪاپيءَ تي مَس هاري ڇڏي آهي!.... هاڻ مونکي ٻي ڪاپي وٺي ڏيو.... نہ تہ مان....

مينا : (وچ۾ ڪيس روڪيندي) اڄتي نہ وڃ دليپ!.... پيٽ تي شيشي جا ٽُڪر پيا آهن.

دليپ : (پريان بيھندي) پر ڊئڊي، مونکي هاڻ ٻي ڪاپي وٺي ڏيو نہ تہ مان اسڪول نہ ويندس.

موهن : (ڪروڌ ۾ ٻاهرئين دروازي طرف اِشارو ڪندي) هينئر نڪري وڃ ٻاهر.

دليپ : (روسامي واري آواز ۾) مونکي سڀاڻي اِها ڪاپي ڊيڪارٽي آهي نہ تہ ٽيچر ماريندي!.... مونکي ڪيئن بہ ڪري....

موهن : (وچ۾) مان چوانءِ ٿو هينئر ٽري وڃ منھنجي اکين اڳيان، نہ تہ....

دليپ : ڊئڊي، سڀاڻي اِنسپيڪشن آهي، ٽيچر چئي ڇڏيو آهي....

موهن : (اڃتي وڌي- غصي ۾) مان چوانءِ ٿو دليپ....

دليپ : (اُتاولائيءَ سان وچ۾) پر ڊئڊي....

موهن : (زور سان ڳل تي چماٽ نڪاءُ ٿو ڪريس) وڃي جھنم ۾ پئہ تون ۽ تنھنجي ڪاپي.

دليپ : (ڪاپي پٽ ۾ ڦٽي ڪري ٻاهر ويندي-روئندي) گهر ۾ توهين ماريو، اسڪول ۾ ٽيچر ماري!.... (سسڪيون) مان اسڪول ئي ڪونہ ويندس! سڀ مونکي مارين ٿا.... اسڪول بہ نہ ويندس ۽ گهر ۾ بہ نہ ايندس. (سسڪين جو آواز جھڪو ٿيندو ٿو وڃي.)

موهن : (ڪمري ۾ اچ وڃ ڪندي-پنھنجي منهن) مونکي پريشان ۽ چتو ڪرڻ لاءِ هڪ هڪ جٽو ڪمر ڪشي بيٺو آهي.

مينا : (شيشي جا ٽڪر ميڙيندي-پنھنجي منهن) ”وڙهن سانَ لتاڙجن ٻوڙا!....“ چٽنگہ اُڇلائي پنيت ٻارين ٻاڻ ۽ ڪسرون ڪڍن ٻين مان!! (شيشي جا ٽڪر ميڙي اندرئين ڪمري ۾ هڪ هنڌ رکندي) سيني جو جيئڻ جنجال ٿي پيو آهي.... (وچين ڪمري ۾ ڪروڌ وچان موهن اچ وڃ ڪري رهيو آهي.)

(رميش جو پرويش)

رميش : (ڪمري اندر اچي ڪلندي) مون ڇيو ميجر موهنلعل!.... صبوح ساڻ گهر اندر هيءَ فوجي پريڊ ڇا لاءِ ٿي رهي آهي؟

موهن : (رميش کي ڀاڪر پائي ڦڪي کِل کلندي) اڙي ڪير رميش! (ٻئي دوست ڳلي ملن ٿا. رميش جو منهن ٻاهرئين ڪمري طرف تہ موهن جو مشڪندڙ چھرو اندرئين ڪمري طرف- اوچتو اندرئين ڪمري طرف کان گهوري نهاريندڙ مينا کي ڏسي، موهن جي چھري جو رنگہ اُڏامي وڃي ٿو، پر دوست کان لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي) مان بہ هينئر تو وٽ اچڻ وارو هوس.... (سامهون ريتا کي ايندو ڏسي) اوہ ڀاڀي، توهين بہ!!

موهن ۽ مينا : (ٻئي گڏ ڦِڪي کِل ڪلندي) نمستي!

This Sindhi play (Natak) Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ريٽا : (ٻنهي کي) نمستي!.... موهن، تو اسان کي سچي سک سان ياد ڪيو ته تنهنجي بدران اسين ئي تو وٽ اچي نڪتاسين.
(ٺهڪڙو)

موهن : (تناوَ واري واتاورڻ تي پڙدو وجهڻ جي ڪوشش ڪندي) اِهو ته آهي ئي پاپي، چڪ هميشهه ٻه طرفي ٿيندي آهي، ڪيئن رميش؟

رميش : اها ته سچي ڳالهه آهي موهن. پر اڄ اسان جو اوچتو پڪچر جو پروگرام ٿي ويو، هوُ ڪشن آهي نه ڪشن....!

موهن : (وچيِ ڪتي-عجب وچان) ها ها، ڇو ڇا ٿيو ڪشن کي؟ (ريٽا ۽ رميش جو ڪلڻ)

رميش : (ڪلندي) اڙي، ڪشن کي ڪجهه نه ٿيو پر پنهنجون، پڪچر جي پهرئين شو جون ٻه ٽڪيٽون اسان کي ڏيئي ويو. ڇيوسين پڪچر تي ويندي تو وٽان هڪ پيالي چانهه جي ٻه پيئندا وڃون!

مينا : ها ها، چانهه ته مون اڄا هاڻ ناهي رکي آهي. گڏجي ٿا پيئون.

رميش : (نئين تاس ميز تي رکندي) هان وٽ پائي، هيءَ نئين تاس ڪالهه اسان جي گهر وساري آئين.

موهن : (حيرت وچان) اڙي، هيءَ تاس توهان جي گهر هئي!.... (تنهن وچيِ مينا، اندران ٿي ڪوپ چانهه جا آڻي ميز تي رکي ٿي) ۽ مون هتي....

مينا : (وچيِ طنز سان) موچڙن جو وسڪارو گهر وارن مٿان ڪيو (رميش ۽ ريٽا جو حقيقت کي چرچو سمجهي زور سان ٽهڪ ڏيڻ)

موهن : (ڪکو وکو ٿي ڳالهه جو رخ ڦيرائيندي) ڇڏيو يلا ان خوشيءَ ۾ چانهه پيئو.

رميش ۽ ريٽا : (ٻئي گڏ ڪلندي) ان لاءِ ته آيا آهيون.... (ڪوپ کڻن ٿا)

موهن : (ڏُک پريندي) اڙي، هيءَ ته ڦِڪي ڦِڪي! (مينا کي رُڪائيءَ سان) مينا، چانهه ۾ کنڊ ڪانه وڌي هئئه ڇا؟

مينا : (هبڪندي) وِڌي....ته....هئم.... پرمان سمجهان ٿي....

رميش : (ڪلندي) اڙي پائي،توکي ته خبر آهي، مان ڦکي چانهه وڌيڪ پسند ڪندو آهيان!.... ان ڳالهه تان موهن، توکي مان پنهنجي ڪالهوڪي ڳالهه ٿو ٻڌايان. اسان وٽ بمبئيءَ کان مزمان آيا. ريٽا ناشتي ۾ مالپورا ترپا پر کنڊ وجهڻ وسري ويس. تو وانگر پهرين مون وات ۾ وڌو ته ڦکو لڳم، چالاڪي ڪري ريٽا کي مزمانن جي منهن تي چيم ته، ”اڄ منهنجي مرضي ٿي آهي ته نندي هوندي وانگر مالپرن مٿان کُنڊ وجهي کان!.... بس، پوءِ ته دوست پاڻ ٻه ائين ڪيم ۽ مزمانن کي به ائين ڪري کارايم. مطلب ته اهڙيءَ طرح مزمانن اڳيان (ڪلندي) ريٽا جي عزت رکي ڇڏيم.

مينا : توهين ڪين ڇا ٿا سمجهايو؟.... هنن جو وَس هلي ته پنهنجن اڳيان ته ڇا، پراون اڳيان به

This Sindhi play (Natak) Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

مونکي ذليل ڪندا ڦرن.

موهن : (ڪوپ ميز تي رکي غصي ۾) تہ ڇا، تون سيني کي تماشو ڏيکارڻ ٿي چاهين؟

رميش ۽ ريتا : (واتاورڻ گنڀير ٿيندو ڏسي، بنا چانهہ پيئڻ جي ڪوپ ميز تي رکندي) اهو ڇا موهن!

مينا : (موهن کي جواب ڏيندي) مان بہ ڪيستائين سهندي رهنديس. توهين تماشو ڪري ڇاٽو تہ مان بہ ڪري سگهان ٿي.

موهن : (ڪاوڙ ۾ ميز تي مُڪ هڻي اُٿي بيهندي) مان چوان ٿو بڪواس بند ڪر مينا!.... (رميش ۽ ريتا بہ اُٿي بيهن ٿا)

مينا : (اندرئين ڪمري ۾ ويندي-پريان آواز) توهان پنهنجي بال پين گم ڪئي ان ۾ منهنجي بڪواس!.... پنهنجي تاس داداجن (رميش) جي گهر وساري آيا ان ۾ منهنجي بڪواس!.... جَهان آرا شاهجهان جي ڌيءُ هئي، اُن ۾ منهنجي بڪواس!!.... مان تي پڇان اُها ڪهڙي ڳالهہ باقي آهي جنهن ۾ منهنجي بڪواس ناهي!!!.... (چوندي اندرئين ڪمري ۾ وڃي ٿي، ريتا بہ مينا جي پٺيان اندر وڃي ٿي)

ريتا : اهو ڇا مينا، ائين تکو ڳالهائبو آهي!

رميش : موهن، ڪجهہ صبر کان ڪم وٺ.

موهن : (سوفا تي رميش سان گڏ وهندي) نہ رميش، منهنجي صبر جو پيالو وقت کان اڳي ڀُر تي ڇڪو آهي. هن گهر ۾ هينئر مينا رهندي يا مان رهندس. ڳالهہ ڳالهہ ۾ بحث، صبوح تاس جي ڳالهہ تي بحث ڪيائين، تہ وري....

رميش : (وچ۾) پر ان ۾ ڀاڀيءَ جو ڪهڙو ڏوهہ؟.... تاس تہ تون منهنجي گهر وساري آيو هئين؟

موهن : نہ رميش- توکي خبر ناهي. مينا پنهنجي ڳالهہ هيٺ ڪرڻ اصل نہ ڏيندي آهي. ڪالهہ بہ خسيس ڳالهہ تي بحث ڪرڻ لڳي تہ جهان آرا شاهجهان جي، زيب اَلنسا اورنگزيب جي ڌيءُ هئي.

رميش : پر اِها تہ حقيقت آهي موهن.توکي تہ خبر آهي، ڪاليج ۾ مان اِتهاس جو پروفيسر آهيان.... گهر اچ تہ مان توکي اِتهاسڪ حوالا ڏيکاريان تہ جَهان آرا شاهجهان جي ۽ زيب اَلنسا اورنگزيب جي ڌيءُ هئي!

موهن : توکي خبر ناهي رميش....

رميش : (وچ۾ ڪٽيندي) پر مان ٿو چوان موهن، جهان آرا شاهجان جي ڌيءُ هجي يا اورنگزيب جي، ان لاءِ توهين پنهنجي سُکي جيون ۾ زهري ٻج ڇو ڇَٽي رهيا آهيو؟.... (سمجهائيندي) پتي پتنيءَ جا پاڻ ۾ متڀيد هئڻ سياويڪ ڳالهہ آهي، بہ باسڻ پاڻ ۾ لڳي ضرور ڪڙڪندا. ٻنهي کي هميشهہ هڪٻئي کي سُري پُري جاءِ ڏيڻ گهرجي. باقي.... (اوچتو اندرئين ڪمري مان روئڻ ۽ سسڪين جو آواز ٻُڌي ٻنهي جو ڌيان اندرئين ڪمري طرف وڃي ٿو.)

This Sindhi play (Natak) Published on Internet by:

www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ريٽا : (اندرئين ڪمري ۾ پلنگ تي ويهي مينا جي مٿي تي پيار وچان هٿ ڦيريندي) اِهو چا مينا، ههڙي سياڻي سمجهُو ٿي ڪري تون به هن نموني روئي تکو ڳالهائي رهي آهين؟

مينا : (گهٽي عرصي کانپوءِ پيار ۽ همدردي پائڻ سبب اوچنگارن ۾ ڇٽڪڻ ۽ سسڪيون پريندي) ديدي!.... ديدي!.... مان هن کان وڌيڪ برداشت نٿي ڪري سگهان!.... (سسڪيون)

ريٽا : (ڪاڏيءَ کان پڪڙي) سياڻي ٿيءُ مينا، هن نموني ڪروڌ ڪرڻ سان تون پنهنجي گرهستي جيون پنهنجن هٿن سان پاڻ برباد ڪري رهي آهين.

مينا : (سسڪين وچ۾) پر ديدي، پيڪي گهر ۾ ڪنهن مونسان تِکو نه ڳالهايو. ان ڪري سندن تکو ڳالهائڻ مان سَهي نٿي سگهان.

ريٽا : (پاٻوه وچان) مينا، تون مونکي پنهنجي وڏي ڀيڻ سمجهندي آهين نه؟

مينا : (اوچنگارن ۾ ڇٽڪندي) هتي ڀيو منهنجو آهي ئي ڪير ديدي! (سسڪيون)

ريٽا : تہ پوءِ ياد رک، زال ذات جو ڀُهٽو آهي سَهنشيلتا ۽ پيار- ڇٽُو، مونکي ٻڌاءِ موهن ۾ اهڙي ڪهڙي ٻُرائي توکي نظر آئي؟.... چا، منجهس پان، بيڙي، شراب، سگريٽ جي عادت آهي؟.... چا، سندس چرتر ۾ توکي ڪو شڪ آهي؟

مينا : اهو مان ڪٿي ٿي چوان ديدي!.... (سسڪيون)

ريٽا : تہ پوءِ ٻاهر دوستن سان هميشهه ڪلمڪ رهندڙ شخص گهر ۾ ايڏو گنڀير ۽ چڙٽي سياءُ جو رهي ٿو، اُن جو سبب تو سوچيو آهي؟

مينا : (سسڪين وچ۾) ديدي، روز روز گهر مان ڪڍي ڇڏڻ يا طلاق ڏيڻ جا دڙڪا ٻُڌي....

ريٽا : (وچ۾ ڪٽيندي) مينا، توکان وڌيڪ مان ڪيس سڃاڻان. ننڍي هوندي کان ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ جي پيار کان وانجهيل هئڻ سبب سندس سياءُ ضدي، جذباتي ۽ چڙٽو ٿي پيو آهي، سندس ٽٽل من کي بحث نہ پر پيار سان جيتي سگهين ٿي.

مينا : ديدي، هروقت بنا سبب بحث جي شروعات تہ پاڻ ڪندا آهن.

رٽيا : گهرو گهپي ۽ ڪلڪل مَت جو پاٽي بہ سُڪائي ڇڏيندي آهي. اِهو تہ خيال ڪر، روز روز جي جهڳڙي جو توهان جي ٻار جي معصوم دل تي ڪهڙو اثر ٿيندو؟

مينا : (پريل گلي سان) پر ديدي...

ريٽا : (وچ۾ ڪٽي) مينا، اينرو ياد رک، هڪ سُڪي ڪتنب ۾ پتي پتنيءَ جو درجو گاڏيءَ جي ٻن ڦيٿن مثل هڪ جيترو آهي. هڪ جو ٻئي تي آڌار رهندو ئي آهي. ڪروڌ روپي اَگنيءَ ۾ جوابي ڪروڌ گيهه جي آهوتيءَ مثل ٿيندوآهي.

مينا : (سوالي نظر سان سسڪيون پريندي- ريٽا جي منهن ۾ نهاري) ديدي؟

ريٽا : (ٻراتڙي پائي) اڙي منهنجي پوروڙي ڀيڻ، تورا مسئلا پيار سان حل ڪري سگهبا آهن. اِهو ياد رک، زال ذات کي مرد سان بحث ڪڏهن بہ نہ ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ مرد پنهنجي غلطي آسانيءَ سان ڪڏهن بہ نہ قبوليندو.

This Sindhi play (Natak) Published on Internet by:

www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

مينا : پر ديدي اڄ تہ ٻال پين ۾ تاس ڱم ٿيڻ تان هي طوفان کڙو ٿيو آهي.

رميش : (وچين ڪمري مان آواز ڏيندي) ريتا، هاڻ جلدي ڪر، پڪچر تي دير ٿي ٿئي.

ريتا : (رميش کي جواب ڏيندي) ها ها.... بس اچان پيئي. (مينا کي جواب ڏيندي) ڏس مينا، تاس تہ ڪالهہ اسان وٽ وساري آيو ۽ ٻال پين بہ ڏينهن ٻن ۾ ليجي پوڻ کان پوءِ ڪيس بہ احساس ٿيندو. ان لاءِ تون ڇو هرويرو پنهنجو من ڏکي ڪرين! (اوچتو پڳل گلاس تي نظر پوندي) مان سمجهان ٿي هيءُ گلاس بہ شايد موهن پڳو آهي.

مينا : (وڏيڪ زور سان روئندي-سسڪيون) ها ديدي.... دليپ رتو رت ٿيڻ کان ذري گهٽ بچي ويو.

ريتا : (ڳراٽڙي پائيندي) توکي خبر آهي جنهن وقت مرد ڪروڌ ۾ اچي ٿو ان وقت سندس دماغ ۾ شيطان واسو ڪري ٿو. اُن شيطان جي خوراڪ ۽ شڪتي آهي زال ذات جو بحث؛ جو اُن کي ٻانوان ٻول ڪري چڏيندو آهي. سکي جيون گذارڻ لاءِ بحث نہ پر صبر، سهنشيلتا ۽ پيار کان ڪم وٺ. منهنجي ڳالهہ ڌيان ۾ رکج، چڱو مان هلان ٿي.

مينا : (پيريل دل سان) چڱو ديدي.... (اُٿي وري پلنگ تي ويهي رهي ٿي).

ريتا : (وچين ڪمري ۾ داخل ٿي رميش کي) اُٿو هلو.... (موهن کي) چڱو موهن، سڀاڻي تون آفيس مان موٽندي اسان وٽ ضرور اچج.

موهن : ها ها ايندس.

(ايتري ۾ ٻاڙي وارو ڇوڪرو اشوڪ ڪاپي هٿ ۾ کڻي ڊوڙندو اچي ٿو.)

اشوڪ : انڪل انڪل، دليپ جي هيءَ نقشي جي ڪاپي وٺو. سندس ڪاپي مون کان خراب ٿي پيئي، نئين ڪاپي وٺي نقشا ڪڍي ڏنا اٿم.

موهن : دليپ ڪٿي آهي؟

اشوڪ : (آهستي) آنٽيءَ سان ڳالهہ نہ ڪجو انڪل، نہ تہ وري اُها بہ ڪيس ماريندي. دليپ ڪينٽري دير کان ٻاهر روئي پيو، چوي ٿو، ”مان گهر نہ ويندس. اڄ ممي ڊئڊيءَ جو پاڻ ۾ جهڳڙو ٿيو آهي؛ ڊئڊيءَ تہ ماريو آهي، ويندس تہ ممي بہ ماريندي.“

موهن : چڱو، تون دليپ کي چئہ تہ انڪل سڏ تو ڪريئي.

اشوڪ : (ويندي) ها، مان ڪيس موڪليان ٿو.... (اوچتو موٽندي) ۽ ها انڪل، هيءَ ٻاڙهي ٻال پين تہ ڏيڻ ئي وسري ويئي. (ڏيندي) هان وٺو توهان جي هيءَ ٻال پين.

موهن : (پين وٺندي عجب ۾) اڙي، هيءَ ٻال پين توکي ڪنهن ڏني؟

اشوڪ : توهان ئي تہ ڏني انڪل.

موهن : (ٺڏو شوڪارو پري) اوه!.... تہ ڇٽبو هيءَ ٻاڙهي ٻال پين مون ئي توکي ڏني هئي!

اشوڪ : ها انڪل.... چڱو، مان وڃان ٿو.... (وڃي ٿو)

موهن : (ٻال پين هٿ ۾ کڻي وچين ڪمري ۾ داخل ٿي دروازو زور سان بند ڪري هڪ هنڌ ٻهي رهي ٿو، ٻال پين ساڄي هٿ ۾ اکين سامهون جهلي پنهنجي منهن) هيءَ ٻال پين مون ئي اشوڪ

This Sindhi play (Natak) Published on Internet by:
www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine
Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.

ڪي ڏني!.... تاس ٻه مان رميش جي گهر وساري آيس!!.... ۽ هِتي؟ هِتي سچو گهر مٽي تي ڪٽي ڏنو اٿم!!!.... آخر هي سڀ.... هي سڀ.... هي سڀ.... (اوچتو سندس نظر سامهون رکل ڪبٽ جي آدم قد آئيني ۾ پنهنجي شڪل تي پوي ٿي ۽ هڪ نرالي روپ ۾ سندس آتما جو آواز زور سان ٺهڪ ڏيئي مٿس ٺٺولي ڪندو نظر اچي ٿو)

پڙاڏي ۾ آواز : (ٽي دفعا ٺهڪ) ها ها ها!.... ها ها ها!!.... ها ها ها!!!.... هيئن گهوري ڪري مون ڏانهن ڇا ڏسي رهيو آهين موهن.... مان پوُت پريت ناهيان. پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏس، مان تنهنجي آتما جو آواز آهيان، موهن آتما جو آواز!!.... ڪيئن تو پائنئين؟.... آهي نه زندگيءَ جو سهڻو مذاق؟ بال پين اشوڪ کي ڏنئه ۽ ڏوه مينا تي!.... تاس رميش جي گهر وساريئه ته مصيبت مينا مٿان!! جهان آرا شاهجهان جي ڌيءُ ته ٻه ڏوهه مينا جو!!!.... پنهنجي ڪمزور ياداشت شڪتيءَ جي ڪري پنهنجو گهر تباه ڪري رهيو آهين!.... تو پاڻ سان گڏ پنهنجي معصوم پُٽ ۽ زال کي زنده لاش بڻائي ڇڏيو آهي.... توهان پتي پتنيءَ جي جهڳڙي ۾ اَبهم ٻار ڪيتري دير کان ٻاهر اُس ۾ پيو روئي، اُن جو توکي احساس آهي؟.... پين مان سڀ ڪجهه طلبڻ وارا مورک، تو پين کي ڇا ڏنو آهي؟.... اِهو ئي نه، آتم هتيا، طلاق ۽ گهر نيڪاليءَ جا دڙڪا!!.... جنهن سُکي گرهستيءَ جا اَنسنا تو سالن کان پئي ڪيا، اُن کي تون پَل ۾ ئي ناس ڪرڻ تو چاهين؟؟.... ياد رک- دنيا ۾ اهڙو ڪوبه ڪٽنب ڪونهي، جتي زال مرد جا پاڻ ۾ متڀيد نه هجن!!.... پر سوال آهي هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ سُري پُري جاءِ ڏيڻ جو!.... مُنجهي ڇو پيو آهين؟.... اَڃا ويل نه ويئي اٿيئي!.... ڪروڌ ۽ نفرت بدران پنهنجي پڇتاءُ واري پلاند ۾ پيار پر ۽ اڳتي وڌ!.... اڳتي وڌ!!.... اڳتي وڌ!!!....

(موهن اڳتي وڌي اندرئين ڪمري ۾ وڃي ٿو- پيرن جي آهٽ. اندر پلنگ تي سڌي منهن ليٽيل مينا جي پاسي ۾ ويهي سندس مٿي تي پيار وچان هٿ ڦيريندي)

موهن : مينا!.... خسيس ڳالهه تي مونکي غصو نه ڪرڻ کپندو هو. بال پين اشوڪ کي ڏني هئم ۽ تاس رميش جي گهر وساري آيس. پنهنجي غلطيءَ جو احساس ڪرڻ بدران، اُنلو توکي گهٽ وڌ ڳالهايم، ڏوه سچو منهنجو آهي مينا!!

مينا : (پيار، پڇتاءُ ۽ همدردي حاصل ڪري، غم ۽ خوشيءَ جي ميزان ۾ روئندي ۽ سسڪيون پريندي) نه نه، ان ۾ سچو ڏوهه منهنجو آهي.... سالن جا سال مون مان توهان کي پيار بدران نفرت، ڌڪار ۽ تکو ڳالهائڻ پلئه پيو.... (سسڪيون) ساڙ ۽ حسد سبب هڪ گهر ۾ گڏ رهندي ٻه مون توهان کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيو.... (سسڪيون)

موهن : (ڪاڌيءَ کان جهلي) نه مينا، هينئر هِن گهر ۾ تون ٻه رهندينءَ ۽ مان ٻه رهندس ۽ جيترو پري ٿي وياسين اوترو ئي ويجهو ايندا سين. هينئر هي صرف منهنجو نه پر ”اسان جو گهر“ آهي.

(نوٽ : هن ناٽڪ جي پاترن جا نالا فرضي آهن، ڪنهن جو ٻه ڪنهن سان سِڌو يا اَڻسڌو لاڳاپو ناهي.

//////////////////////////////////////////////////////////

This Sindhi play (Natak) Published on Internet by:

www.sindhigulab.com - A complete Sindhi web magazine

Developed by : Dilip Tekchandani, E-2, Kubernagar, Ahmedabad.